﴿فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ ۚ وَكَذٰلِكَ نُـــْۨجِي الْمُؤْمِنِيْنَ﴾ (الانبياء:٨٨)

(پوءِ اسان ان جي دعا ٻڌي سون ۽ غم کان نجات ڏني سون، ايئن اسان مومنن کي نجات ڏيندا آهيون) (صحيح البخاري ڪتاب الدعوات ، صحيح مسلم ڪتاب الدعوات، جامع الترمذي ڪتاب الدعاءِ، الترغيب والترهيب حديث ٢٨٤٢)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس الله تهجد جي نفلن ۾ سومهڻي جي فرض کان اڳ ٤٠ ڀيرا آيت ڪريمه جو ورد ڪندا هئا. (ملفوظات ٢/٣٠٨)

حضرت پيرسائين تجرڌڻي قدس الله فجر جي نماز کان پوءِ ١٠٠ ڀيرا، سومهڻي نماز کان پوءِ ١٠٠ ڀيرا آيت ڪريمه جو ورد ڪندا هئا. (خزانة المعرفت ٤٣٦)

حضرت پيرسائين سورهيه بادشاه قدس الله وظيفن ۾ آيت ڪريمه پڙهڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. (تنبيه الفقراءِ)

﴿لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ﴾

# متبرک کلما

هن باب ۾ اسماءُ الحسنيٰ،ڪلمات تعوذ، بابرڪت تسبيحون، ڇهہ ڪلما، دعائون، صلوات شريف ۽ ٻيا متبرڪ وظيفا آهن.

# اسماءُ الله الحسنىٰ

اسماءُ الحسنيٰ ( الله تعاليٰ جا سهڻا نالا) سيني وردن ۽ وظيفن ۾ بهترين شغل آهن، دعا هڪڙو عرض ۽ التجا آهي. الله تعاليٰ فرمايو ته:

﴿وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا﴾

(۽ الله تعاليٰ جا سهڻا نالا آهن، انهن نالن سان کيس پڪاريو.)

حديث پاڪ ۾ اسماءُ الحسنيٰ جي وڏي فضيلت بيان ٿيل آهي ته جنهن هنن نالن کي ياد ڪيو ، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. يا الله تعاليٰ جي اسم اعظم سان دعا گهرو، اها دعا جلدي قبوليت ماڻيندي.

## حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قَدَّسَ اللّٰهُ

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قَدَّسَ اللّٰهُ، الله تعاليٰ جي مختلف نالن مبارڪن جو ورد ڪندا هئا ته جماعت ۾ ان جي تعليم ڏيندا هئا. ملفوظات شريف ۾ به ان حوالي سان مختلف هنڌن تي ذڪر آهي، پاڻ ان عظيم موضوع تي هڪڙو ڪتاب به لکيو اٿائون، ان ۾ پاڻ اسماءُ الله صرف ورد ۾ رکڻ بجاءِ ٻانهي کي پنهنجي پاڻ ۾، اهو رنگ پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو اٿن. حقيقت ۾ ان عظيم فيض مان بهره وري جو سڀ کان بهترين طريقو پڻ اهو آهي.

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قَدَّسَ اللّٰهُ جن پنهنجي ذات ۾ اهي سموريون صفتون، جيڪي ٻانهي جي ڪمال لاءِ ضروري آهن، پيدا ڪرڻ جي نه صرف ڪوشش ڪئي ، پر پاڻ ان رنگ ۾ رچي ريٽا پڻ ٿيا. تبرڪ طور سندن ان عظيم تصنيف 'شرح اسماءُ الحسنيٰ' مان الله تعاليٰ جو هڪ اسم مبارڪ برڪت خاطر هتي پيش ڪجي ٿو ، جيئن پڙهندڙ پيرسائين روضي ڌڻي قَدَّسَ اللّٰهُ جي ، اسماءَ الحسنيٰ مان فيض وٺڻ جي طريقي کان واقف ٿين. انهن سيني اسمن جي تفصيل لاءِ سندن ڪتاب پڙهيو وڃي.

## الله جَلَّ جَلَالُهُ

الله تعاليٰ ، جيڪو عبادت جو مستحق آهي ، هي سندس ذاتي نالو آهي، جڏهن ته ٻيا سمورا سندس صفاتي نالا آهن. حقيقت واري واٽ جي پانڌيئڙن وٽ الله ان موجود پاڪ ذات جو نالو آهي، جيڪا الوهيت (الله هئڻ) جي سمورين صفتن

سان سينگاريل آهي ۽ اها ئي ذات پاڪ پنهنجو حقيقي وجود رکي ٿي ۽ ان يڪتا (هڪ ئي) ذات کان سواءِ هر موجود شيءِ پنهنجي ڪابہ ذاتي حيثيت نہ ٿي رکي. باقي هن ڪائنات ۾ هر چيز کي جيڪا حيثيت يا وجود حاصل آهي، اهو فقط خالقِ ڪائنات سان نسبت ۽ تعلق جي آثار آهي ۽ ان بنياد تحت آهي تہ ان شيءِ پنهنجو رُخ پنهنجي خالق ڏانهن رهيو آهي، اهڙو ئي اشارو هن آيت مبارڪ مان ملي ٿو.

﴿كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ۭ﴾ (القصص:٨٨)

يعني هر شيءِ فنا آهي، مگر ان جو طرف يعني ان جي نسبت ۽ تعلق کي بقا آهي، اهو هميشہ قائم رهندو. باقي ٻيون سموريون نسبتون ۽ تعلق ختم ٿيندڙ آهن، تنهنڪري اهو چوڻ بلڪل درست آهي، تہ لاموجود في الحقيقة وبالذات الا الله يعني حقيقت ۾ ذاتي طور تي الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن شيءِ جو وجود آهي ئي ڪونہ.

الله ان واجب الوجود پاڪ ذات جو مخصوص نالو آهي، جڪيو صحيح معنيٰ ۾ عبادت جي لائق آهي، جڏهن تہ لفظ 'اله' جي معنيٰ آهي معبود، پوءِ اهو سچو هجي يا ڪوڙو، اهو لفظ انهن ٻنهي لاءِ استعمال ٿيندو آهي، اسم 'الله' جي مفهوم ۾ الله جل جلالہ جي سمورين صفتن جي معنيٰ موجود آهي، جڏهن تہ ٻين مبارڪ نالن جي نسبت باري تعاليٰ جي بيشمار صفتن مان ڪنهن هڪ صفت ڏانهن ئي آهي ۽ هي اسم مبارڪ الله جل جلالہ کانسواءِ ڪنهن ٻئي لاءِ بہ استعمال نٿو ڪري سگهجي. نہ حقيقي طور ۾ نہ ئي مجازي طور. باقي سندس ٻيا صفاتي نالا ٻين لاءِ بہ استعمال ٿي سگهن ٿا. پوءِ ڪٿي اهي مجازي طرح ئي چونہ هجن. ان مان چاڻ ملي ٿي تہ ان مالڪ الملڪ جي بابرڪت نالن منجهان 'الله' وارو نالو ٻين سمورن کان مٿانهون آهي، جنهن کي "اسم اعظم" چئجي ٿو، جڏهن تہ ٻين نالن کي 'اسماءُ الله' چيو ويندو آهي، اهڙيءَ ريت سندس ٻين سمورن صفاتي اسمن جي معنائن کي مجازي طور ڪنهن ٻانهي سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر 'الله' واري اسم کي صرف 'تعلق' لاءِ ئي استعمال ڪيو ويندو ۽ نہ 'تخلق' لاءِ يعني هن اسم سان ٻانهو پنهنجو تعلق تہ قائم ڪري سگهندو، پر ان جي معنيٰ سان موصوف ٿي نہ سگهندو. جهڙي ريت ٻين اسمن سان موصوف ٿئي ٿو.

## تعلق

عارف (معرفت جي طالب) کي هن اسم سان 'تألّه' جو ڀاڱو ملندو آهي،

جنهن جو طريقو هيءُ آهي تہ عارف جي دل مڪمل توجهہ ۾ ڏيان سان الله جي ياد ۾ مستغرق (گم) ٿي وڃي، ان ذات کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن نہ واجهائي ۾ ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي (غير) ۾ نہ تہ ڪا اميد رکي ۾ نہ ڪنهن غير کان ڪو ڀؤ ڪري، ايتري قدر جو شهود واري اک ۾ ڪيس ڪو بيو نظر ئي نہ اچي. جيئن هن فارسي شعر ۾ ٻڌايو ويو آهي:

رفت او زمياں ہميں خدا ماند خدا

اَلْفَقْرُ اِذَا تَمَّ فَهُوَاللهُ ايں است

يعني جڏهن غير وچان نڪري ويو تہ پوءِ فقط ۾ فقط اها ذات باقي وڃي بچي، ان ڪري مقولي ' اَلْفَقْرُ اِذَا تَمَّ فَهُوَاللهُ ' جو مطلب بہ اهوئي آهي تہ ڪامل فقيري تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن خدا جي ذات وڃي باقي بچي ۾ ٻئي ڪنهن شيءِ جو وجود ئي پنهنجي نہ رهي.

## تعبد

عبدالله (الله جو ٻانهو) ان ٻانهي کي سڏيو ويندو آهي، جنهن جي مٿان الله تعاليٰ پنهنجي سمورن اسمن مبارڪن سان تجلي فرمائي هجي. ان ڪري اهڙي ٻانهي جي عبادت ٻين سمورن ٻانهن جي عبادت کان افضل ترين ۾ اعليٰ ترين ٿي پوندي، ڇو تہ اهو ٻانهو جڏهن اسم اعظم 'الله' جي جلوي سان سرفراز ٿيو آهي تہ الله جل جلالہ جي انهن سمورين صفتن سان پڻ موصوف ٿي ويو، جيڪي سموريون صفتون هن اسم مبارڪ اندر موجود آهن، ان ڪري هاڻي الله تعاليٰ جي سمورين صفتن جي جلوي ماڻڻ کان پوءِ عبادت ڪندڙ جي عبادت لازمي طور ٻين جي عبادتن کان گهڻو مٿانهين ٿي ويندي، ان ڪري ئي اهو ٻانهو حقيقي معنيٰ ۾ عبدالله ٿي ويندو. اهو ئي سبب آهي تہ اسم 'عبدالله' سان اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن کي خصوصي نسبت حاصل آهي تڏهن تہ ڪين الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو:

لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللهِ يَدْعُوْهُ (الجن :١٩)

(جڏهن الله جو ٻانهو الله جي عبادت لاءِ اٿي بيٺو.)

ڇئي ان نالي سان مخصوص فرمايو، ان ڪري ائين ڇئي سگهجي ٿو تہ هاڻي هي اسم حقيقت ۾ صرف حضور ﷺ جن جي ذات لاءِ ئي مخصوص ٿيو، باقي ٻين

ولين ۾ قطبن سڳورن کي فقط حضور اڪرم ﷺ جن کان ورثي ملڻ ۾ سندن پيروي ۾ان نالي سان سڏيو وڃي ٿو، پيو اهو ب يادرکڻ کپي ت حضور اڪرم ﷺ جن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي لاءِ ب جڏهن هي لفظ استعمال ڪيو ويندو ت اهو استعمال مجازي طور هوندو، حقيقي طور ن ، اهو هن ريت ب سمجهي سگهجي ٿو ت الله تعاليٰ جي مڙني اسمن مبارڪن واري هر هڪ صفت سندن ذاتي اسم ’الله‘ جي اندر موجود هوندي آهي ت پوءِ انهن سمورن اسمن واريون صفتون هڪ ئي وقت ان اسم ذات ۾ ڪنيون ٿي ويون، ت هاڻي جڏهن عبدالله (الله جو ٻانهو) فقط هڪ کي سڏيو ويو ، ت ٻيا سڀ مجازي ٻانها چيا ويندا ، پوءِ ڪٿي ڪهڙي ب اسم جو تخلق ۾ تعبد ڪين حاصل هجي، ڇو ت اسم الله واري جامعيت (سڀني صفتن ڪي سموئڻ) ٻي ڪنهن اسم ۾ موجود ن آهي.

(شرح اسماءُ الله الحسنيٰ از: حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره
مترجم: علام فقير محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري)

## حضرت پيرسائين تجر ڌڻي قدس الله سره

حضرت پيرسائين تجر ڌڻي قدس الله سره جن ، الله سبحانه وتعاليٰ جي نوانوي نالن مبارڪن جي فضيلت بابت فرمايو آهي ت جيڪو انهن اسمن مبارڪن جو وظيفو پڙهندو ، اهو يقيني طرح جنتي آهي، هر شخص کي گهرجي ت انهن سمورن اسمن شريفن جي روزانو تلاوت ڪري ، جيڪڏهن روزاني تلاوت ن ڪري سگهي ت هفتي ۾ هڪ پيرو، ن ت مهيني ۾ هڪ پيرو، يا وري سال ۾ هڪ پيرو، پر جي سال ۾ ب نصيب ن ٿئي ت سموري عمر ۾ هڪ پيرو لازمي ۾ ضرور پڙهي، پاڻ پڙهيل ن هجي ت ٻئي کان پڙهائي، پوءِ پاڻ بلند آواز سان هي اسم مبارڪ تلاوت فرمايا، جو سموري جماعت ٻڌا. (خزانة المعرفت ۴۴۱)

مو ٽيو فقير خدمتگار نقل ڪيو ت حضرت پيرسائين تجرڌڻي قدس الله سره جو هيءُ معمول هو ت تهجد جي نفلن کان پوءِ ٻين وظيفن ۾ مشغول ٿيڻ کان اڳ ، ۱۰۰ پيرا ’يارافع‘ ۽ ۱۰۰ پيرا ’ياباسط‘ پڙهندا هئا. (خزانة المعرفت ۴۳۵)

ساڳيو فقير نقل ڪري ٿو ت حضرت پيرسائين تجرڌڻي قدس الله سره فرمايو :

’ يَاعَزِيْزُ ‘ جي اسم مبارڪ جي زڪوٰت جو طريقو هيءُ آهي ت هڪ ڏينهن ۾ هڪ لک پيرا ۽ هڪ دم ۾ هڪ سئو پيرا پڙهي. ان کان پوءِ هرروز ۳۱۳ پيرا پڙهي ۽ مشڪل جي آساني واسطي مٿئين طريقي سان ’ يَاعَزِيْزُ ‘ جي زڪوٰت شروع ڪري، اِنْ شَآءَ اللهُ

پنج هزار ڀيرا پڙهي اسم شريف، پوروڻ ڪندو ته الله تعاليٰ قاضي الحاجات، سائل کي سندس مقصد ۾ ڪامياب فرمائي ڇڏيندو. بعد ۾ فرمايائون ته زڪوٰت جي مٿئين طريقي جي هر شخص کي اجازت آهي. (خزانة المعرفت ۴۳۷)

'يَاعَزِيْزُ' اسم جي اجازت پير سيد عبدالقادر شاه آخرين رضي الله عنه حضرت پيرسائين پٽ ڌڻي قدس سره کي ڏني هئي. (ملفوظات ۱/۴۶۴)

## حضرت پيرسائين سورهيه شهيد قدس سره

حضرت پيرسائين سورهيه شهيد قدس سره پنهنجي ڪتاب 'تنبيه الفقراءِ' ۾ لکيو آهي ته الله تعاليٰ جا صفاتي نالا هڪ گهٽ سئو آهن. سندن قدرتون بي پايان آهن، جن جو ڪو شمار ڪونهي.

۞ تڪليفن، مصيبتن، بيمارين ۽ پريشانين جي حل لاءِ 'اَللّٰهُ الصَّمَدُ' 'يَا فَتَّاحُ' 'يَا عَزِيْزُ' 'يَا حَفِيْظُ' ۽ 'يَا رَحْمٰنُ' جا اسم شريف لکيا اٿن.

## اَسْمَاءُ اللهِ الْحُسْنٰى

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هُوَ اللهُ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلَامُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ الْغَفَّارُ الْقَهَّارُ الْوَهَّابُ الرَّزَّاقُ الْفَتَّاحُ الْعَلِيْمُ الْقَابِضُ الْبَاسِطُ الْخَافِضُ الرَّافِعُ الْمُعِزُّ الْمُذِلُّ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ الْحَكَمُ الْعَدْلُ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ الْحَلِيْمُ الْعَظِيْمُ الْغَفُوْرُ الشَّكُوْرُ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ الْحَفِيْظُ الْمُقِيْتُ الْحَسِيْبُ الْجَلِيْلُ الْكَرِيْمُ الرَّقِيْبُ الْمُجِيْبُ الْوَاسِعُ الْحَكِيْمُ الْوَدُوْدُ الْمَجِيْدُ الْبَاعِثُ

الشَّهِيْدُ الْحَقُّ الْوَكِيْلُ الْقَوِيُّ الْمَتِيْنُ الْوَلِيُّ الْمُحْصِيْ
الْمُبْدِیءُ الْمُعِيْدُ الْمُحْيِيْ الْمُمِيْتُ الْحَيُّ الْقَيُّومُ الْوَاجِدُ
الْمَاجِدُ الْوَاحِدُ الصَّمَدُ الْقَادِرُ الْمُقْتَدِرُ الْمُقَدِّمُ الْمُؤَخِّرُ
الْأَوَّلُ الْآخِرُ الظَّاهِرُ الْبَاطِنُ الْوَالِي الْمُتَعَالِ الْبَرُّ التَّوَّابُ
الْمُنْتَقِمُ الْعَفُوُّ الرَّءُوفُ مَالِكُ الْمُلْكِ ذُوالْجَلَالِ
وَالْإِكْرَامِ الْمُقْسِطُ الْجَامِعُ الْغَنِيُّ الْمُغْنِيُّ الْمَانِعُ الضَّارُ
النَّافِعُ النُّورُ الْهَادِي الْبَدِيْعُ الْبَاقِي الْوَارِثُ الرَّشِيْدُ
الصَّبُورُ.

# ڪلمات تعوذ (پناه گهرڻ وارا ڪلما)

حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي حضور ۾ عرض ڪيو، پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو : صبح شام هي ڪلما پڙهندين ته توکي ڪا شيءِ نقصان نه ڏيندي.
(سنن ابي داؤد ٢/١٧١، سنن ابن ماجه ١٢٥١، صحيح المسلم، جامع الترمذي، مؤطا امام مالڪ)

حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جن هي ڪلما فجر جي وظيفن ۾ ٽي ڀيرا ۽ سانجهيءَ جي وظيفن ۾ ٽي ڀيرا پڙهندا هئا. (ملفوظات شريف ٢/٣٠٦)

## اهي ڪلما هيءَ آهن:

اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ.

اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّاتِ مِنْ غَضَبِهٖ وَ عِقَابِهٖ وَ شَرِّ عِبَادِهٖ وَ مِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِيْنِ وَ اَعُوْذُبِكَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنَ

## بابرڪت تسبيحون

سُبْحَانَ اللهِ.. اَلْحَمْدُ لله ... اَللهُ اَكبَرُ

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جنهن هر نماز کان پوءِ سبحان الله ٣٣ ڀيرا، الحمدلله ٣٣ ڀيرا، الله اڪبر ٣٣ ڀيرا ۽ لااله الا الله وحده لاشريڪ له هڪ ڀيرو پڙهيو، ان جا گناه بخشيا ويندا، توڙي جو اهي دريا جي گجيءَ جيترا هجن. (صحيح المسلم، ڪتاب الذڪر، سنن ابي داؤد، الترغيب والترهيب ٢٤٧٤)

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان ان جهڙي ئي روايت پڻ آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو، جڏهن ماڻهو بستري تي اچي مٿيان ڪلما ۽ لاحول ولاقوة پڙهي ٿو ته ان جا سمورا گناه معاف ڪيا ويندا.
(سنن ابي داؤد ڪتاب الادب، جامع الترمذي، الترغيب والترهيب ٨٩٤)

سنن نسائي ۾ 'سبحان الله و بحمده' جا لفظ پڻ آهن.

## حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جن ارشاد فرمايو تہ جن ڏينهن ۾ حضرت امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما ڄاوا، تن ڏينهن ۾ بي بي فاطمة الزهريٰ رضي الله عنها کي حضرت علي كرم الله وجهه ۽ امامن سڳورن جي خدمت ڪرڻ، رڌ پچاءُ ۽ ٻئي ڪم ڪار جي ڪري وجود تي سُستي ٿيندي هئي ۽ جيئن تہ حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي عادت مبارڪ هيءَ هئي جو پنجاه ماڻهن جو قوت هر روز مسڪينن ۽ غريبن کي ڏيندا هئا، حضرت خاتونِ جنت رضي الله عنها ، حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي طرف پيغام موڪليو تہ حضورِ اڪرم صلى الله عليه وسلم جن کي اطلاع عرض ڪجو تہ هڪ ماڻهو جيترو طعام عنايت فرمائين تہ حضرت حسين رضي الله عنه کي کارائجي ۽ آئون عبادت ۾ مشغول ٿيان، ورهاست جي وقت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها، اهو عرض حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن کي پيش ڪيو ، پاڻ طعام جي ورهاست ۾ مشغول هئا، ان وقت ڪو جواب نہ ڏنائون، طعام جي ورهاست بعد بي بي خيرالنساءِ رضي الله عنها جي گهر تشريف فرما ٿيا ، بي بي صاحبہ رضي الله عنها ۽ حضرت علي كرم الله وجهه جن ٻئي هڪ کٽ تي ويٺا هئا، انهن اٿڻ جو ارادو ڪيو پر ڪين حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن روڪيو، پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم اچي ، ٻنهي جي وچ ۾ ويهي رهيا ۽ حضرت بي بي صاحبہ رضي الله عنها کي فرمايائون تہ اي امان! هي وظيفو (٣٣ ڀيرا سبحان الله ، ٣٣ ڀيرا الحمدلله، ٣٣ ڀيرا الله اڪبر ۽ هڪ ڀيرو ڪلمہ شهادت ) پڙهي آرام ڪندي ڪر ، عبادت ۾ ڪڏهن سُستي نہ ٿيندي ۽ طعام ۾ بہ برڪت پوندي. (ملفوظات ٢/٣٠٢)

ان سان ملندڙ روايت ، حضرت علي كرم الله وجهه کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن بي بي سائڻ رضي الله عنها گهر جي گهٽي ڪم ڪار جي ڪري پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم جن کان هڪ ٻانهي جي گُهر ڪئي ، پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم جن فرمايو اي فاطمہ! خدا جو خوف رک ، ان جو فرض ادا ڪر ، پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪر ، ۽ جڏهن بستري تي اچين تہ ٣٣ ڀيرا سبحان الله، ٣٣ ڀيرا الحمدلله ، ٣٤ ڀيرا الله اڪبر پڙهي سمهندي ڪر ، اهو ڪم ٻانهي رکڻ کان ڀلو آهي.

(الترغيب والترهيب حديث ٨٩٠ صحيح البخاري كتاب فضائل الصحابة، النفقات ، الدعوٰت، صحيح المسلم كتاب الذكر، سنن ابي داؤد كتاب الادب)

# حضرت پيرسائين تجر ڏٽي قدس سرہ

سيد ڪبير شاه رحمۃ اللہ علیہ کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين خليفة الله قدس سرہ کان پڇيم تہ حضرتا! ٻانهي کي ڪهڙي شغل سان سرفراز فرمايو ٿا؟ تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ ٣٣ ڀيرا سبحان الله، ٣٣ ڀيرا الحمدلله، ٣٣ ڀيرا الله اڪبر ۽ هڪ ڀيرو لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ وَحۡدَهٗ لَاشَرِيۡكَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡكَ وَلَهُ الۡحَمۡدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ هر نماز کان پوءِ ان شغل جي پابندي ڪريو. (خزانة المعرفت ٤٣٣)

سيد نور علي شاه رحمۃ اللہ علیہ کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضـــرت پيرسائين تجــر ڏٽي قدس سرہ فرمايو جيڪو رات جو تازو وضو ڪري، هي ڪلما پڙهي سمهي پوي تہ ساري رات شيطان جي شر کان محفوظ رهندو. الله تعاليٰ جي عنايت ۽ رحمتن جي برسات مٿس جدا پوندي. (خزانة المعرفت ٤٣٤)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سرہ، حضرت پيرسائين تجر ڌڻي قدس سرہ ۽ حضرت پيرسائين سورهيہ شهيد قدس سرہ نہ فقط پاڻ پابندي سان هي ڪلما پڙهندا هئا، پر ڪيترن ئي فقيرن کي ان وظيفي جي اجازت ڏيئي پڙهڻ جو تاڪيد فرمائيندا هئا.

## سُبۡحَانَ اللهِ وَبِحَمۡدِهٖ

حضرت ابوذر رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن مونکي فرمايو ڇا توکي الله جل جلالہ جي محبوب ڪلمي جي خبر نہ ڏيان؟ مون عرض ڪيو تہ هائو قبلا! پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو سبحان الله وبحمده. الله تعاليٰ جو محبوب ڪلمو آهي.

(صحيح المسلم ڪتاب الذڪر والصلوٰة، جامع الترمذي ڪتاب المواقيت، سنن نسائي ڪتاب الافتتاح، الترغيب والترهيب حديث ٢٣٨١)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سرہ، تهجد کان اڳ اها تسبيح ١٠ ڀيرا پڙهندا هئا. (ملفوظات ٢/٦٠٣)

حضرت پيرسائين تجرڌڻي قدس سرہ فجر نماز کان پوءِ هي تسبيح ١٠٠ ڀيرا پابندي سان پڙهندا هئا. (خزانة المعرفت)

## سُبۡحَانَ الۡمَلِكِ الۡقُدُّوۡسِ

حضرت ابيّ بن ڪعب رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن وتر جي سلام کان پوءِ ٽي ڀيرا هي تسبيح پڙهندا هئا، ٽئين ڀيري بلند آواز ۾ پڙهندا هئا. (سنن نسائي، مسند امام احمد، دار قطني)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس الله تهجد کان اڳ هي تسبيح ١٠ ڀيرا پڙهندا هئا. (ملفوظات٢/٣٠٦)

## سُبْحَانَ اللهِ عَدَدَ مَا خَلَقَ

حضرت ابو امامہ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم مونکي ڏٺو تہ آئون چپ چوري رهيو هوس، پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تہ ڪهڙي شيءِ تي چپ چوري رهيو آهين؟ عرض ڪيم قبلا! الله جو ذڪر (ڪري رهيو آهيان) پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تنهنجي ان ذڪر کان ڏينهن رات جي افضل ۽ اڪثر ذڪر جو ڏَس نہ ڏيان؟ عرض ڪيم تہ هائو قبلا! پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو تہ چئہ:

## سُبْحَانَ اللهِ عَدَدَ مَا خَلَقَ سُبْحَانَ مِلْءُ مَا خَلَقَ

(الترغيب والترهيب حديث ٢٤٣٤، سنن نسائي ڪتاب التطبيق، مسند امام احمد)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس الله عشاءَ جي سنت ۽ فرض جي درميان هي تسبيح ١٠٠ ڀيرا پڙهندا هئا. (ملفوظات٢/٣٠٨)

# جنت جو خزانو

## لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ ،حضرت معاذ بن جبل رضی اللہ عنہ ، حضرت ابو موسیٰ اشعري رضی اللہ عنہ ۽ ٻين صحابہ رضی اللہ عنہم کان روايتون آهن تہ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو: 'لاحول' جنت جي خزانن مان هڪ خزانو آهي.

(صحيح البخاري ڪتاب المغازي، الدعوات، القدر، صحيح المسلم ڪتاب الذڪر، سنن ابي داؤد، سنن ابن ماجہ، جامع الترمذي، مسند امام احمد)

حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو تہ: 'لاحول ولاقوة' نوانوي(٩٩) بيمارين جو علاج آهي، انهن مان هلڪي بيماري غم آهي.

(مستدرڪ للحاڪم، الترغيب والترهيب حديث ٢٤٤٨)

# ڇهه ڪلما

حضرت عباده بن صامت رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ جنهن ' لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ' جي شاهدي ڏني، ان تي الله تعاليٰ دوزخ جي باه حرام ڪري ڇڏيندو.

(صحيح مسلم ڪتاب الايمان، جامع الترمذي ڪتاب الايمان، الترغيب والترهيب ح ۲۳۵۱)

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو : جَدِّدُوْ اِيْمَانَكُمْ (پنهنجي ايمان کي تازو ڪريو) اسان عرض ڪيو تہ قبلا! ايمان کي ڪيئن تازو ڪريون؟ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ڪثرت سان.

(الترغيب والترهيب حديث ۲۳۶۰، مسند امام احمد)

حضرت ابو درداءِ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو سبحان الله والحمد لله (ٽيون ڪلمو) پڙهہ اهو باقيات صالحات مان آهي، گناهن کان ايئن احاطو ڪري ٿو جيئن وڻ پنن کي ويڙهي ٿو ۽ اهو جنت جي ڪاٺين مان آهي.

(الترغيب والترهيب ۲۴۱۳)

حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جن حديث شريف بيان فرمائي تہ:

مَنْ قَالَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُخْلِصاً دَخَلَ الْجَنَّةَ

(الجامع الصغير عن ابي سعيد حديث ۸۸۹۶)

يعني جيڪو شخص هڪ دفعو ڪلمو طيب دل سان پڙهندو ، ان کي الله تعاليٰ بنا حساب جي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (ملفوظات ۱/۲۵)

هيڪر قدس سره پاڻ حديث شريف کان نقل فرمايائون تہ لااله الا الله جو ذڪر گناهن کي ايئن ٻاري ٿو، جيئن سج برف کي.(ملفوظات)

## پهريون ڪلمو: لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ

## ٻيون ڪلمو: اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

## ٽيون ڪلمو: سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكْبَرُ

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

**چوٿون ڪلمو:** لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ اَبَدًا اَبَدًا ذُوالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ بِيَدِهِ الْخَيْرُ ط وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

**پنجون ڪلمو:** اَسْتَغْفِرُ اللهَ رَبِّيْ مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ اَذْنَبْتُهٗ عَمَدًا اَوْ خَطَاً سِرًّا اَوْ عَلَانِيَةً وَّاَتُوْبُ اِلَيْهِ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِيْ اَعْلَمُ وَ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِيْ لَآ اَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ وَسَتَّارُ الْعُيُوْبِ وَ غَفَّارُ الذُّنُوْبِ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ.

**ڇهون ڪلمو:** اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ اُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا وَّ اَنَا اَعْلَمُ بِهٖ وَاَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَآ اَعْلَمُ بِهٖ تُبْتُ عَنْهُ وَتَبَرَّاْتُ مِنَ الْكُفْرِ وَالشِّرْكِ وَالْكِذْبِ وَالْغِيْبَةِ وَالْبِدْعَةِ وَالنَّمِيْمَةِ وَالْفَوَاحِشِ وَالْبُهْتَانِ وَالْمَعَاصِيْ كُلِّهَا وَاَسْلَمْتُ وَاَقُوْلُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ.

# سيدالاستغفار

حضرت شداد بن اوس رضي الله عنه كان روايت آهي ته نبي كريم ﷺ جن فرمايو ته جنهن شخص سيدالاستغفار صبح جو يقين سان پڙهيو ۽ (اهو) ان ڏينهن گذاري ويو ته جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن شام جو پڙهيو (اهو، ان رات) گذاري ويو ته جنت ۾ داخل ٿيندو.

(صحيح البخاري كتاب الدعوات ٢/٩٣٢ قديمي كتب خانه، سنن ابي داؤد حديث ٥٠٧٠، سنن ابن ماجه ص ٢٧٦ (عن ابي بريده رضي الله عنه عن ابيه) سنن نسائي كتاب الاستعاذه، الترغيب والترهيب حديث ٩٦٦)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس الله سيد الاستغفار كثرت سان پڙهندا هئا، خاص كري تهجد جي نفلن كان پوءِ پين وظيفن سان گڏ پڙهڻ سندن معمول هو. (ملفوظات ٢/٣٠٦)

حضرت پيرسائين تجرڌڻي قدس الله تهجد جي نفلن كان پوءِ ٻين وظيفن سان گڏ ٧٠ پيرا، يا گهٽ ۾ گهٽ ٩ يا ٧ پيرا ضرور پڙهندا هئا. (خزانة المعرفت ٤٣٤)

سيد الاستغفار جيكو سيني حديثن ۾ آيل آهي هرروز نماز كان پوءِ ٽي پيرا پڙهندا كريو، پر جيكڏهن صبح جي وقت هك سو پيرا بنا ناغي پڙهندا ته كابه تكليف ۽ شيطاني برائي پڙهندڙ جي ويجهو كانه ايندي.

(خزانة الاسرار: حضرت پيرسائين تجرڌڻي، مكتوب: ١)

حضرت پيرسائين سورهيه شهيد قدس الله پنهنجي كتاب ’ تنبيه الفقراءِ‘ ۾ سيدالاستغفار پڙهڻ جو حكم فرمايو آهي.

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ خَلَقْتَنِيْ وَاَنَا عَبْدُكَ وَاَنَا عَلٰى عَهْدِكَ وَ وَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ اَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ اَبُوْءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ وَاَبُوْءُ بِذَنْبِيْ فَاغْفِرْلِيْ فَاِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّآ اَنْتَ

# دعائون

دعا، ان سڏ ۽ پڪار جو نالو آهي، جنهن ۾ ٻانهو الله تعاليٰ سان مشغول هوندو آهي. پنهنجون پريشانيون، حاجتون ۽ ڏک الله تعاليٰ جي حضور پيش ڪري انهن جي حل ۽ آساني جي درخواست ڪندو آهي، الله تعاليٰ جي ذات ٻانهي جي بار بار گهرڻ تي راضي ٿي پنهنجو فضل فرمائيندو آهي.

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ (المؤمن ٦٠)

۽ توهان جو پالڻهار فرمائي ٿو ته مون کان دعائون گهرو ته توهان جا سوال اگهايان، بيشڪ منهنجي عبادت (دعا) کان وڏائي ڪندا، سي خوار ٿي دوزخ ۾ داخل ٿيندا.

وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ ۭ (البقره ١٨٦)

اي محبوب جڏهن تو کان، منهنجا ٻانها، منهنجي متعلق سوال ڪن ته ڪين ٻڌاءِ ته بيشڪ آئون ويجهو آهيان، دعا گهرندڙ جي دعا قبول ڪندو آهيان، جڏهن هو دعا گهرندو آهي، پوءِ مون کان گهرن ۽ مون تي ايمان آڻين ته اُهي هدايت وارا ٿين.

نبي ڪريم ﷺ جن دعا کي عبادت جو مغز ۽ (ٻئي هنڌ) عبادت ڪوٺيو آهي ته دعا کي تقدير بدلائيندڙ ۽ رحمت جي ڪنجي پڻ سڏيو ويو آهي. دعا جي قبوليت لاءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي ته جڏهن ڪو به مسلمان اهڙي دعا گهرندو، جنهن ۾ گناه يا مائٽي ڇنڻ جو بيان نه هوندو ته الله تعاليٰ ان کي ٽن ڳالهين مان هڪ ضرور عطا ڪندو.

١. يا ته گُهريل دعا مطابق سندس خواهش پوري ڪري ڇڏيندو آهي.

٢. يا ته گُهريل دعا آخرت جي لاءِ اجر جو ذخيرو ڪري رکي ڇڏيندو آهي.

٣. يا ته دعا جي برابر ان تان ڪا مصيبت ٽاري ڇڏيندو آهي.

صحابه ڪرام رضي الله عنهم اجمعين اهو ٻڌي عرض ڪيو، هاڻي ته اسان گهڻيون دعائون گهرنداسون، پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته الله جا خزانا تمام گهڻا (ڪشادا) آهن. (مسند امام احمد)

هڪ ڀيري حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جن ديهه سيد پور ۾ لٿل هئا، اتي سيد محمد صديق عرض ڪيو ته قبلا ! دعا فرمايو ته الله تعاليٰ روز جي ڪشادگي عطا فرمائي ۽ گذران جي تنگي دور فرمائي، ڇو ته آمدني ٿوري، خرچ گهڻي ۽ نالي مشهور هئڻ سببان وقت تنگ ٿو گذري پاڻ جواب ۾ هي آيت تلاوت فرمايائون:

وَ مَنۡ اَعۡرَضَ عَنۡ ذِكۡرِیۡ فَاِنَّ لَهٗ مَعِیۡشَةً ضَنۡكًا (طٰهٰ : ١٢٤)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قَدَّسَ اللهُ جن فرمايو ته جيڪو شخص عبادت ڪري پوءِ اُن جي پويان وري دنيا لاءِ دعا ٿو گهري ته اهو شخص اهڙو ڪم ٿو ڪري جو چڻ چئو ته قرآن شريف مٿان لت ڏيئي دريءَ مان شراب جو شيشو هيٺ ٿو لاهي. (ملفوظات ١/٣٥٦)

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قَدَّسَ اللهُ جن خليفي ميان الهرکئي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ کان دعا جي طلب ڪئي، خليفي چيو الله سُبۡحَانَهٗ وَتَعَالٰى شال اوهان کي محتاجن (دنيا وارن) جي محتاجي کان پناهه ۾ امن ۾ رکندو. (ملفوظات ١/٣٥٧)

ان کان علاوه ملفوظات شريف ۾ هڪ پورو فصل دعائن بابت آهي، خزانة المعرفت ۽ تنبيه الفقراءِ ۾ پڻ دعائن بابت گهڻو مواد آهي.

ملفوظات شريف، خزانة المعرفت ۾ مذڪور دعائن جو تفصيل هن ريت آهي.

خليفي ميان لقمان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ کان نقل آهي ته حضرت پيرسائين تجر ڌڻي قَدَّسَ اللهُ جمعي جي ڏينهن حديث شريف مان بيان ڪيو ته فجر ۽ شام جي نماز کان پوءِ پين سمورن ڪمن کان اڳ ۾ ست پيرا ' اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّارِ ' هميشه جي واسطي معمول بڻائي ته دوزخ جي باهه کان امن ۾ رهندو. (خزانة المعرفت ٤٣٣)

پليي فقير لاکي کي رزق جي ڪشادگيءَ لاءِ حضرت پيرسائين تجر ڌڻي قَدَّسَ اللهُ ' اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡلِیۡ وَلِلۡمُؤۡمِنِیۡنَ ' واري دعا فجر ۽ شام جي نماز کان پوءِ ٢٧ پيرا پڙهڻ جو ڏس ڏنو ۽ اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّارِ جو به امر ڪيائون.

سيد معظم علي شاه جي طبيعت کي کير پسند نه ايندو هو، حضرت پيرسائين تجرڌڻي قَدَّسَ اللهُ جن ' اَللّٰهُمَّ بَارِكۡ لَنَا فيه وزدنا منه ' واري دعا ڪيس دعا ڪيس سيڪاري، پوءِ کير طبعيت موافق ٿي پيو.

ڪمال فقير مؤذن نقل ڪيو ته حضرت پيرسائين تجرڌڻي قَدَّسَ اللهُ حديث شريف مان بيان ڪيو ته حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ فرمايو آهي ته جيڪو هر روز هڪ وقت ۾ هي لفظ ' اَللّٰهُمَّ بَارِكۡ لِیۡ فِی الۡحَیٰوةِ وَ فِیۡ مَا بَعۡدَ الۡمَمَاتِ ' ٢١ پيرا پڙهندو ته منهنجي شفاعت ان لاءِ واجب ٿي ويندي، پڻ دنيا ۾ الله تعاليٰ ۽ سندن مخلوق جي رضامندي حاصل ٿيندي، مرڻ وقت ايمان سان خاتمو ٿيندو ۽ قيامت ۾ بهشت جي لائق ٿيندو.

۽ ٻيون دعائون جيڪي پاڻ هميشه گهرندا هئا.

اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّارِ

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ وَتُبْ عَلَیَّ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ وَتُبْ عَلَیَّ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَفُوُّ الْغَفُوْرُ

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ وَارْحَمْنِیْ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ وَلِلْمُؤْمِنِیْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِیْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ

اَللّٰهُمَّ اَكْفِنِیْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاغْنِنِیْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَ مِنْكَ السَّلَامِ وَ اِلَیْكَ یَعُوْدُ السَّلَامُ

تَبَارَكْتَ یَاذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفُوَّ فَاعْفُ عَنِّیْ

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ ضَیِّقِ الدُّنْیَا

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لِیْ فِی الْحَیٰوةِ وَفِیْ مَا بَعْدَ الْمَمَاتِ

# دعا حل مشڪلات

حضرت پيرسائين سورهيه بادشاه قدس الله پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته حضرت يوسف عليه السلام کي جڏهن ڀائرن کوهه ۾ وڌو ته، تڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت جبرئيل عليه السلام حاضر ٿيو ۽ حضرت يوسف عليه السلام جي کوهه جي تري ۾ پهچڻ کان اڳ پنهنجي پرن تي ويهاري، هيٺ هڪ پٿر تائين پهچايائين. ان کوهه جو پاڻي کارو هو، مگر الله جي نبيءَ جي برڪت سان مٺو ٿي پيو ۽ کوهه جي پاسن ۾ جيڪي موذي (تڪليف ڏيندڙ) شيون هيون سي نبوي دهشت سبب ٻرن ۾ لڪي ويون، مگر هڪ وڇون هيو جنهن ڏنگڻ جو ارادو ڪيو ته حضرت جبرئيل امين عليه السلام هڪل ڪئي ته انڌو ٿي پيو ۽ هميشه انڌو ٿي رهيو. حضرت يوسف عليه السلام کي کوهه ۾ جنتي ڪاڌو ملندو هو. الله تعاليٰ پنهنجي پيارن جو هر حال ۾ حامي رهندو آهي، حضرت جبرئيل، حضرت يوسف عليه السلام کي هڪ دعا سيکاري هئي، جيڪا اسان هتي لکون ٿا. ڪنهن به ماڻهو کي ڪا مشڪل پوي ته باوضو ٿي روزاني چاليهه ڀيرا، چاليهه ڏينهن تائين اول آخر درود شريف سان پڙهي ته سڀئي حاجتون ۽ مشڪلاتون حل ٿي وينديون.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُمَّ يَا كَاشِفَ كُلِّ كَرْبَةٍ وَيَا مُجِيْبَ كُلِّ دَعْوَةٍ وَيَا جَابِرَ كُلِّ كَسِيْرٍ وَيَا مُيَسِّرَ كُلِّ عَسِيْرٍ وَيَا مُوْنِسَ كُلِّ وَحْشَةٍ يَا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحٰنَكَ وَ اَسْئَلُكَ اَنْ تَجْعَلَ لِيْ فَرْجًا وَ مَخْرَجًا وَاَنْ اَلْقِ حُبَّكَ فِيْ قَلْبِيْ حَتّٰى لَاتَكُوْنَ لِيْ هَمٌّ وَلَا اَذْكُرُ غَيْرَكَ وَاَنْ تَحْفَظَنِيْ وَ تَرْحَمْنِيْ يَآ اَرْحَمَ الرّٰاحِمِيْنَ

# دعا گنج العرش

هي دعا، تمام گهڻي برڪت واري آهي،رزق جي برڪت ۽ ڪشادگي ، حصول دين، دنيا جي منافعي ، مشڪلاتن جي حل لاءِ مفيد آهي ، نظر بد ، جادو ۽ لاعلاج مريض تي پڙهي دم ڪرڻ سان ان شآءَالله شفا ٿيندي.

حضرت پير سائين سورهيہ شهيد قدس الله پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ دعا گنج العرش ۾ تمام گهڻا فائدا آهن، هن دعا کي سچي دل سان پڙهندڙ جي رزق روزيءَ ۾ برڪت پوندي آهي ، دشمن خوار ۽ خراب ٿيندا، جيڪو پاڙ سان گڏ رکندو اهو هميشہ سوڀارو رهندو، شيطان جي مقابلي ۾ فتح مند رهندو.جيڪو شيطان ان جو پڪو ويري آهي. (تنبيہ الفقراءِ)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الرَّءُوْفِ الرَّحِيْمِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الْكَرِيْمِ الْحَكِيْمِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ اللَّطِيْفِ الْخَبِيْرِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الْغَفُوْرِ الْوَدُوْدِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الرَّقِيْبِ الْحَفِيْظِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الْمُحْيِ الْمُمِيْتِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الْخَالِقِ الْبَارِیءِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الْوَاحِدِ الْاَحَدِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سُبْحَانَ الْحَسِيْبِ الشَّهِيْدِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْاَوَّلِ الْقَدِيْمِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الظَّاهِرِ الْبَاطِنِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْقَاضِیِ الْحَاجَاتِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْبُرْهَانِ السُّلْطٰنِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ السَّتَّارِ الْغَفَّارِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْكَبِيْرِ الْاَكْبَرِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الشَّافِی الْكَافِیْ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الصَّمَدِ الْاَحَدِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْخَالِقِ الرَّزَّاقِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْعَزِيْزِ الْغَنِیِّ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْعَظِيْمِ الْعَلِيْمِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ ذِی الْعِزَّةِ وَ الْعَظَمَةِ

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ ذِی الْكِبْرِيَاءِ وَ

الْجَبَرُوْتِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْعَالِمِ الْغَيْبِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْحَكِيْمِ الْقَدِيْمِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ السَّمِيْعِ الْعَلِيْمِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْعَلَّامِ السَّلَامِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْغَنِيِّ الرَّحْمٰنِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْوَلِيِّ الْحَسَنَاتِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْخالِقِ النُّوْرِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْفَاضِلِ الشَّكُوْرِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ ذِی الْجَلَالِ الْمُبِیْنِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الصّادِقِ الْوَعْدِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ ذِی الْقُوَّةِ الْمَتِیْنِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ الْعَلَّامِ الْغُيُوْبِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ السَّتَّارِ الْعُيُوْبِ
لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ سُبْحَانَ رَبِّ الْعَالَمِیْنَ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ الرَّحِیْمِ الْغَفَّارِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ الْقَادِرِ الْمُقْتَدِرِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ الْمَالِکِ الْمُلْکِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ الْعَزِیْزِ الْجَبَّارِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ اللّٰہِ عَمَّا یَصِفُوْنَ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ رَبِّ الْمَلٰئِکَۃِ وَ الرُّوْحِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ الْمَلِکِ الْمَقْصُوْدِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ سُبْحَانَ اٰدَمُ صَفِیُّ اللّٰہِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ اِبْرَاھِیْمُ خَلِیْلُ اللّٰہِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ مُوْسٰی کَلِیْمُ اللّٰہِ

لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ عِیْسٰی رُوْحُ اللّٰہِ

# صلواة شريف

حضور سرورِ ڪائنات فخر موجودات ﷺ جن جي ذات اقدس مٿان درود و سلام موڪلڻ نہ فقط ٻانهي لاءِ فرض آهي ، پر ان ڪم ۾ الله تعاليٰ جي ذات بالاصفات ۽ ان جا قدسي ملائڪ بہ گڏ آهن.

حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ماڻهو ڪنهن مجلس ۾ ويهن ، ان ۾ نہ تہ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪن ۽ نہ ئي پنهنجي نبي تي درود موڪلين ، توڙي جو اهي جنت ۾ داخل ٿي وڃن (پوءِ بہ ان کان) ثواب کان محرومي جو ڪين افسوس هوندو.

(صحيح ابن حبان، مستدرڪ للحاڪم وغيره)

ٻئي هنڌ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو شخص مون تي هڪ ڀيرو درود موڪلي ٿو ، الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪلي ٿو ، ان جا ڏهہ گناهہ معاف فرمائي ٿو ۽ ڏهہ درجا بلند فرمائي ٿو ۽ ان لاءِ ڏهہ نيڪيون لکيون وڃن ٿيون.

(سنن نسائي، معجم طبراني)

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جمعي جي ڏينهن مون تي ڪثرت سان درود پڙهو ڇو تہ هي حاضري جو ڏينهن آهي، هن ڏينهن ۾ فرشتا حاضر ٿيندا آهن، جيڪو شخص مون تي درود پڙهندو آهي ، اهو جتي بہ هجي مون تائين ان جو آواز پهچي ٿو (صحابہ ڪرام فرمائين ٿا) اسان عرض ڪيو تہ قبلا! اوهان جي وصال مبارڪ کان پوءِ بہ؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ ’ها‘ منهنجي وصال کان پوءِ بہ ، (ڇو تہ) بي شڪ الله تعاليٰ زمين تي نبين سڳورن عليهم السلام جو جسم کائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي.

(جلاءُ الافهام، حصن حصين)

## حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جن فرمايو تہ اسان ظاهري علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ سفر جي تڪليف سهي ، ڪوٽڙي ڪبير واري مدرسي ۾ ميان مخدوم ميان يار محمد (صديقي) رحمة الله عليه وٽ وياسون ، پر ان سفر جي تڪليف طبيعت تي ڏاڍي سخت لڳي، پوءِ هڪ رات هڪ پير تي بيهي پنج هزار ڀيرا درود شريف حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي روح مبارڪ کي نذرانو پيش ڪيوسون ۽ نهايت عاجزيءَ سان سرڪار ﷺ جن کان مدد گهري سون تہ يارسول الله ﷺ ! سفر

جي تڪليف جي ملو لائي اسان تان ختم ٿئي ۽ علمن مان بہ بهره ور ٿيون (پوءِ) صلوٰة شريف جي برڪت سان اهڙي تہ صفائي حاصل ٿي وئي جو اڻ پڙهيل (علم بہ اسان لاءِ) پڙهيل جهڙو ٿي پيو. (ملفوظات ۱/۴۰)
سندن روزمره جي معمولات ۾ صلوٰة شريف جو ڪثرت سان ورد هوندو هو.

## صلواة قدسي

جماعت جا تارڪ فقير ان جو اڪثر ورد ڪندا آهن. حضرت پيرسائين سورهيہ شهيد قدس الله پنهنجي ڪتاب ’ تنبيہ الفقراءِ ‘ ۾ بہ جماعت کي هن صلوٰة جي تاڪيد ڪئي آهي.

صَلَّى اللهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَسَلَّمَ

## صلواة شريف

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس الله هن صلوٰة جو ڪثرت سان ورد ڪندا هئا. ان ڪري سندن نالي سان منسوب هي صلوٰة حضرت پيرسائين تجر ڌڻي قدس الله بہ گهڻو پڙهندا هئا.

(ملفوظات، خزانة المعرفت)

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ

## صلواة تنجينا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلٰوةً تُنَجِّيْنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ الْاَهْوَالِ وَالْاٰفَاتِ وَتَقْضِيْ لَنَا بِهَا جَمِيْعَ الْحَاجَاتِ وَتُطَهِّرُنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ السَّيِّاٰتِ وَتَرْفَعُنَا بِهَا عِنْدَكَ اَعْلَى الدَّرَجَاتِ وَتُبَلِّغُنَا بِهَا اَقْصَى الْغَايَاتِ مِنْ جَمِيْعِ الْخَيْرَاتِ فِى الْحَيٰوةِ وَبَعْدَ الْمَمَاتِ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

# صلواة مضري

ملان مير ڪان نقل آهي تہ هڪ ڀيري ٻانهو حضرت پيرسائين تجرڏٺي ﷣ جن جي خدمت ۾ حاضر هو ، حضرت جن ان وقت صلوٰة مضري پڙهي رهيا هئا، فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ فرمايائون تہ صلوٰة مضري جي زڪٰوة نڪتل آهي ، هاڻي ان جي پابندي ڪافي مشڪل ٿي پئي آهي، روزمره تلاوت جي لازمي رعايت ڪرڻي پوي ٿي.ان بعدانهيءَ جي زڪوات جي ٻانهي کي اجازت ڏنائون.

زڪوات جو طريقو هن ريت آهي، مضري صلوٰة جي هڪ هزار ڀيرا پڙهڻ سان زڪوات نڪري ويندي. هن طريقي سان جو هر فرض نماز ڪان پوءِ هڪ ڀيرو ڪپڙي ۽ جسم جي پاڪائي جي شرط سان هڪ گوڏو ڀيجي ويهي پڙهندو ۽ روزا پڻ رکندو.انهن ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرو صلوٰة قدسي بہ پڙهندو ، صلواة مضري هڪ هزار ڀيرا پوري ٿيندي تہ صلوٰة قدسي هڪ لک پوري ٿيندي.

## قصيدة المضرية

## في الصلاة علىٰ خير البرية للامام البوصيري

يَا رَبِّ صَلِّ عَلَى الْمُخْتَارِ مِنْ مُضَرٍ

وَالْأَنْبِيَا وَجَمِيعِ الرُّسْلِ مَا ذُكِرُوا

وَصَلِّ رَبِّ عَلَى الْهَادِى وَشِيعَتِهٖ

وَصَحْبِهٖ مَنْ لِطَيِّ الدِّينِ قَدْ نَشَرُوا

وَجَاهَدُوا مَعَهُ فِي اللّٰهِ وَاجْتَهَدُوا

وَهَاجَرُوا وَ لَهُ آوَوْا وقَدْ نَصَرُوا

وَبَيَّنُوا الْفَرْضَ وَالْمَسْنُونَ وَاعْتَصَبُوا

لِلّٰهِ وَاعْتَصَمُوا بِاللّٰهِ فَانْتَصَرُوا

أَزْكَى صَلَاةٍ وَأَنْمَاهَا وَ أَشْرَفَهَا

يُعَطِّرُ الْكَوْنَ رَيَّا نَشْرِ هَا الْعَطِرُ
مَعْبُوقَةً بِعَبِيقِ الْمِسْكِ زَاكِيَةً
مِنْ طِيبِهَا أَرَجُ الرِّضْوَانِ يَنْتَشِرُ
عَدَّ الْحَصَى وَالثَّرَى وَالرَّمْلِ يَتْبَعُهَا
نَجْمُ السَّمَا وَنَبَاتُ الْأَرْضِ وَالْمَدَرُ
وَعَدَّ وَزْنِ مَثَاقِيلِ الْجِبَالِ كَمَا
يَلِيهِ قَطْرُ جَمِيعِ الْمَاءِ وَالْمَطَرُ
وَعَدَّ مَا حَوَتِ الْأَشْجَارُ مِنْ وَرَقٍ
وَكُلِّ حَرْفٍ غَدَا يُتْلَى وَيُسْتَطَرُ
وَالْوَحْشِ وَ الطَّيْرِ وَالْأَسْمَاكِ مَعْ نَعَمٍ
يَلِيهِمُ الْجِنُّ وَالْأَمْلَاكُ وَالْبَشَرُ
وَالذَّرُّ وَالنَّمْلُ مَعْ جَمْعِ الْحُبُوبِ كَذَا
وَالشَّعْرُ وَ الصُّوفُ وَالْأَرْيَاشُ وَالْوَبَرُ
وَمَا أَحَاطَ بِهِ الْعِلْمُ الْمُحِيطُ وَ مَا
جَرَى بِهِ الْقَلَمُ الْمَأْمُورُ وَالْقَدَرُ
وَعَدَّ نَعْمَائِكَ اللَّاتِي مَنَنْتَ بِهَا
عَلَى الْخَلَائِقِ مُذْ كَانُوا وَ مُذْ حُشِرُوا
وَعَدَّ مِقْدَارِهِ السَّامِي الَّذِي شَرُفَتْ
بِهِ النَّبِيُّونَ وَالْأَمْلَاكُ وَافْتَخَرُوا

وَعَدَّ مَا كَانَ فِي الْأَكْوَانِ يَا سَنَدِي
وَمَا يَكُونُ إِلَى أَنْ تُبْعَثَ الصُّوَرُ
فِي كُلِّ طَرْفَةِ عَيْنٍ يَطْرِفُونَ بِهَا
أَهْلُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِينَ أَوْ يَذَرُوا
مِلْءَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِينَ مَعْ جَبَلٍ
وَالفَرْشِ وَالْعَرْشِ وَالْكُرْسِي وَ مَا حَصَرُوا
مَا أَعْدَمَ اللهُ مَوْجُودًا وَأَوْ جَدَ مَعْ
دُومًا صَلَاةً دَوَامًا لَيْسَ تَنْحَصِرُ
تَسْتَغْرِقُ الْعَدَّ مَعْ جَمْعِ الدُّهُورِ كَمَا
تُحِيطُ بِالْحَدِّ لَا تُبْقِي وَ لَا تَذَرُ
لَا غَايَةً وَانْتِهَاءً يَا عَظِيمُ لَهَا
وَ لَا لَهَا أَمَدٌ يُقْضَى فَيُعْتَبَرُ
وَ عَدَّ أَضْعَافِ مَاقَدْ مَرَّ مِنْ عَدَدٍ
مَعْ ضِعْفِ أَضْعَافِهِ يَامَنْ لَهُ الْقَدَرُ
كَمَا تُحِبُّ وَتَرْ ضَى سَيِّدِي وَكَمَا
أَمَرْ تَنَا أَنْ نُصَلِّي أَنْتَ مُقْتَدِرُ
مَعَ السَّلَامِ كَمَا قَدْ مَرَّ مِنْ عَدَدٍ
رَبِّي وَضَاعِفْهُمَا وَ الْفَضْلُ مُنْتَشِرُ
وَكُلُّ ذَلِكَ مَضْرُوبٌ بِحَقِّكَ فِي

أَنۡفَاسِ خَلۡقِكَ إِنۡ قَلُّوا وَ إِنۡ كَثُرُوا

يَا رَبِّ وَاغۡفِرۡ لِقَارِ بِهَا وَسَامِعِهَا

وَ الۡمُسۡلِمِينَ جَمِيعًا أَيۡنَمَا حَضَرُوا

وَ وَ الِدِيۡنَا وَ أَهۡلِينَا وَجِيرَ تِنَا

وَكُلُّنَا سَيِّدِى لِلۡعَفۡوِ مُفۡتَقِرُ

وَقَدۡ أَتَيۡتُ ذُنُوبًا لَا عِدَادَ لَهَا

لَكِنَّ عَفۡوَكَ لَا يُبۡقِى وَ لَا يَذَرُ

وَ الهَمُّ عَنۡ كُلِّ مَا أَبۡغِيۡهِ أَشۡغَلَنِى

وَ قَدۡ أَتَى خَاضِعًا وَ الۡقَلۡبُ مُنۡكَسِرُ

أَرۡجُوكَ يَا رَبِّ فِي الدَّارَيۡنِ تَرۡحَمُنَا

بِجَاهِ مَنۡ فِي يَدَيۡهِ سَبَّحَ الحَجَرُ

يَا رَبِّ أَعۡظِمۡ لَنَا أَجۡرًا وَ مَغۡفِرَةً

فَإِنۡ جُودَكَ بَحۡرٌ لَيۡسَ يَنۡحَصِرُ

وَاقۡضِ دُيُونًا لَهَا الۡأَخۡلَاقُ ضَائِقَةٌ

وَفَرِّجِ الۡكَرۡبَ عَنَّا أَنۡتَ مُقۡتَدِرُ

وَكُنۡ لَطِيفًا بِنَا فِي كُلِّ نَازِلَةٍ

لُطۡفًا جَمِيلًا بِهِ الۡأَهۡوَالُ تَنۡحَسِرُ

بِالۡمُصۡطَفَى اَلۡمُجۡتَبَى خَيۡرِ الۡأَنَامِ وَمَنۡ

جَلَالَةً نَزَلَةٌ فِي مَدۡحِهِ السُّوَرُ

ثُمَّ الصَّلَاةُ عَلَى الْمُخْتَارِ مَا طَلَعَتْ
شَمْسُ النَّهَارِ وَمَاقَدْ شَعْشَعَ الْقَمَرُ
ثُمَّ الرِضَا عَنْ أَبِي بَكْرٍ خَلِيفَتِهِ
مَنْ قَامَ مِنْ بَعْدِهِ لِلدِّينِ يَنْتَصِرُ
وَعَنْ أَبِي حَفْصٍ الفَارُوقِ صَاحِبِهِ
مَنْ قَوْلُهُ الفَصْلُ فِي أَحْكَامِهِ عُمَرُ
وَ جُدْ لِعُثْمَانَ ذِي النُوْرَيْنِ مَنْ كَمُلَتْ
لَهُ المَحَاسِنُ فِي الدَّارَيْنِ وَالظَّفَرُ
كَذَا عَلِيٌّ مَعَ ابْنَيْهِ وَأُمِّهِمَا
أَهْلُ العَبَاءِ كَمَا قَدْجَاءَنَا الْخَبَرُ
سَعْدٌ سَعِيدُ بْنُ عَوْفٍ طَلْحَةٌ وَ أَبُو
عُبَيْدَةٍ وَزُبَيْرٌ سَادَةٌ غُرَرُ
وَحَمْزَةٌ وَكَذَا اَلْعَبَّاسُ سَيِّدُنَا
وَنَجْلُهُ الحَبْرُ مَنْ زَالَتْ بِهِ الْغِيَرُ
وَالْآلُ وَالصَّحْبُ وَالْأَتْبَاعُ قَاطِبَةً
مَاجَنَّ لَيْلُ الدَّيَاجِي أَوْ بَدَا السَّحَرُ
يَا رَبِّ صَلِّ عَلى الْمُخْتَارِ مِنْ مُضَرٍ
وَالْأَنْبِيَا وَجَمِيعِ الرُّسْلِ مَا ذُكِرُوا

# متفرق

هن باب ۾ حضرت پيرسائين جن جا معمولات ،
ختم جو طريقو، وظيفا ۽ شجرا شريف ڏنل آهن.

# حضرت پيرسائين پٽ ڌڻي قدس الله سره

# جا معمولات

قطب العارفين حضرت پيرسائين سيد محمد بقا شاه شهيد پٽ ڌڻي قدس الله سره سلسلي قادري ۾ حضرت سيد عبدالقادر شاه آخرين گيلاني قدس الله سره جن جا مريد هئا، پاڻ پنهنجي مرشد جي حضور ۾ وجود وڃائي ويهي رهيا ، خانقاه پيرڪوٽ سڌانه (چناه شريف) جي گهوڙن جي ڪڙه (اصطبل) جي خدمت سرانجام ڏيندا هئا، باوجودان جي جو ، پاڻ وڏا عارف، عالم، متقي ۽ پرهيزگار شخص هئا.

مرشدن ڪريمن جي امر جي پيروي خاطر چناه شريف (ضلع جهنگ ، پنجاب) ڪان پوئين پير رام تڙ (روهڙي سنڌ) جي ڏندڻن لاءِ واپس ٿيا، ان ادب ، خدمت ۽ تابعداري اهڙو ته رنگ لاتو جو سندن پونئيرن تان اهو پنڌ هميشه لاءِ معاف ٿي ويو، سندن پنئي مبارڪ مان وقت جا مجدد، غوث ، قطب، عارف ، عالم ، مجاهد، سخي شخص پيدا ٿيا.

حضرت پيرسائين پٽ ڌڻي قدس الله سره شروع ڪان ئي وردن ۽ وظيفن ۾ تمام گهڻو مشغول رهندا هئا، جيئن حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس الله سره جي ملفوظات ۾ سندن زباني آهي ته جڏهن اسان سائيدي جي ڳوٺ ۾، جيڪو اسان جو اصلي وطن آهي، رهندا هئاسون تڏهن اسان جي روش ۾ مقرر عادت هوندي هئي ته نماز جي پنج وقتن ، تهجد ،اشراق ، شب خيزي (رات جاڳڻ) ، وردن ، صلوٰة شريف ۾ بين اهڙن ڪمن ۾ وڏي پابندي ۽ ڪوشش سان مشغول رهندا هئاسون، جيئن ته تهجد جي نماز مسجد شريف ۾ وڃي ادا ڪندا هئاسون ۽ تهجد جي نفلن ڪان پوءِ وظائف جي شغل سان رهندا هئاسون ته پره اچي ڦٽندي هئي ، پوءِ اٿي فجر جي سنت ادا ڪري وري درود شريف جي مشغولي ڪندا هئاسون ته الحمدلله وري به پنهنجي عبادت جي صلاحيت ۾ توفيق عطا فرمائي اٿس. پوءِ نڪرڻ مهل هڪڙو درويش مٿي ۾ پيرين اگهاڙو ديوانو شخص جيڪو مسجد جي ٻاهران دونهين وجهي رات ڏينهن ان تي ويٺو هوندو هو ،سو اسان ڏي نهاري چوندو هو ته’ اي بابا! هنوز دلي دور است‘ (اجان دهلي پري رهي).

اسان کي اهو ٻڌي عجب لڳندو هو ته هي چريو ڇاٿو چوي پر جڏهن همت جو قدم مولا سائين عزاسمه جي طلب ۾ رکيوسون ۽ پوري حقيقت ڪان واقفيت لڌي سون، تڏهن ڄاتوسون ته اهو چريو شخص سچ چوندو هو ته الله

تبارڪ وتعاليٰ جي عشق ۽ محبت ڪان سواءِ سڀ ڪم اجايا ۽ بيڪار آهن.
(ملفوظات ۱/۲۴۴)

سلسلي قادري ۾ تلقين جي اجازت سان گڏ مرشدن ڪريمن جيڪي ورد ۽ وظيفا ڏسيا، ملفوظات ۾ انهن جو بہ ذڪر آهي.

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سرہ جن فرمائين ٿا تہ حضرت ميان سائين جن هيڪر شهر سوڍاڻي واقع پنجاب ڏانهن حضرت شيخ عبدالقادر گيلاني قدس سرہ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا. جڏهن پاڻ اتي پهتا تڏهن حضرت شيخ عبدالقادر جن ڪشمير جي سفر تي تيار ٿيا ۽ حضرت ميان سائين ڳوٺ موٽڻ جي اجازت گهري، پاڻ ڪجھ طبيعت جي گراني سان موڪل ڏنائون، شايد تہ سندن دل مبارڪ ۾ ڪين سفر منجھ ساڻ هلڻ جو خيال هو، ان ڪان پوءِ حضرت ميان سائين جن سندن طبيعت مبارڪ جي مرضي معلوم ڪري سفر ۾ ساڻن گڏ هلڻ لاءِ عرض ڪيو، پر پاڻ قبول نہ فرمائي موڪل ڏنائون ۽ وصيت ڪيائون تہ حضرت مخدوم صاحب پريالوءِ واري جي صحبت غنيميت ڪري ڄاڻجو، پوءِ يٰس شريف جي زڪوات جي اجازت عطا فرمايائون جيڪو قادري گنج خاني مان هڪ وڏو خزانو آهي ۽ اسم شريف يا عزيز جو ظاهري هٿيارن جي مثال بلڪ هزار درجا بهتر ۽ وڌيڪ آهي، تنهنجي بہ اجازت عطا فرمايائون ۽ حضرت پيغمبر ڪريم صلى الله عليه وسلم جن وارو قدم مبارڪ جيڪو معراج واري رات، حضرت غوث اعظم رضي الله عنه جي ڪُلهي مبارڪ تي رکيو هئائون ۽ اها روش سندن اولاد سڳوري ۾ پشت بپشت هلندي پئي اچي، سو ڪنهن بہ مريد تي صادر نہ ٿيو هو، اهو قدم مبارڪ حضرت ميان سائين جي ڪنڌ مبارڪ تي رکي سرفراز فرمايائون ۽ تنهن ڪان پوءِ موڪل عطا فرمايائون.

(ملفوظات ۱/۴۶۴)

سلسلي نقشبندي ۾ حضرت مخدوم سائين محمد اسماعيل پريالوي رحمة الله عليه جا "دستِ بيعت" هئا ۽ ان سلسلي ۾ ڪين تلقين جي اجازت پڻ هئي، جيئن حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سرہ ۽ سندن برادر سيد مرتضيٰ علي شاه قدس سرہ ڪي ڪوٽڙي ڪبير واري مدرسي ۾ بنهي طريقن جي اجازت ڏيڻ واري واقعي ۾ اهڙو تفصيل موجود آهي، پين ورد وظيفن سان گڏ "پنج سوره شريف" جي تلاوت بہ سندن معمولات ۾ هو، جيڪا "پنج سوره شريف" درگاه شريف جي لائبريري ۾ محفوظ آهي.

# حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سرہ

# جا معمولات

حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سرہ جي روز مره جي معمولات ۾ تهجد، اشراق، تحية الوضو، چاشت، استخاري جا نفل، قرآن شريف جي تلاوت، دلائل الخيرات جو دؤر (ملفوظات ۴۵۱_۱/۳۹) صلوٰة شريف جو ورد، نفي اثبات جو شغل (۱/۲۱۶) لطائف ستہ (۱/۲۱۵) (ڇهہ لطيفا: نفسي، قلبي، روحي، سري، خفي، ۽ اخفيٰ) اسماءُ الله الحسنيٰ جو وظيفو (۱/۲۱۴) لاالٰہ الاالله جو ذکر ۽ ٻيا گهڻا وظيفا آهن. هيٺ ملفوظات ۾ بيان ٿيل سندن معمولات جو بيان اچي ٿو.

## ننڊ مان اٿڻ مهل

سڀ کان پهرين الحمدلله الذي احياني بعد ما اماتني واليہ النشور پڙهندا هئا، ان کان پوءِ وضو ڪري مصلي تي ويهندا هئا، ۽

| | |
|---|---|
| الله اکبر | ۱۰ ڀيرا |
| الحمدلله | ۱۰ ڀيرا |
| سبحان الله وبحمده | ۱۰ ڀيرا |
| سبحان الملک القدوس | ۱۰ ڀيرا |
| استغفرالله | ۱۰ ڀيرا |
| لاالٰہ الاالله | ۱۰ ڀيرا |
| اللهم اني اعوذ بک من ضيق الدنيا | ۱۰ ڀيرا |

پڙهندا هئا، پوءِ تهجد پڙهندا هئا.

(اهي مسنون وظائف آهن، جيئن حديث پاڪ ۾ آهي:

أنَّ رسولَ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم كان إذا هبَّ من الليلِ كبَّر عشرًا وحمِد عشرًا ، وقال : سبحانَ الله وبحمدِه عشرًا ، وقال : سبحانَ الملكِ القدُّوسِ عشرًا ، واستغفر اللهَ عشرًا ، وهلَّل عشرًا ، ثمَّ قال : اللهمَّ إني أعوذُ بكَ من ضيقِ الدنيا وضيقِ يومِ القيامةِ عشرًا ، ثمَّ يفتحُ الصلاةَ... فيروزآبادي، سفر السعادة، ص 203 )

ان کان پوءِ ويهي

| | |
|---|---|
| ان في خلق السمٰوات والارض | ۱۲ ڀيرا |

| | |
|---|---|
| ان ربکم الله الذي خلق السموات والارض | ١٠ ڀيرا |
| اللهم اغفرلي وتب علي انک انت التواب الرحيم | ١٠٠ ڀيرا |
| اللهم انک عفو تحب العفو فاعف عني | ١٠٠ ڀيرا |
| لااله الا انت سبحٰنک اني کنت من الظالمين | ٦٠ ڀيرا |
| | ٥ ڀيرا |
| وڏو استغفار | ١ ڀيرو |

## فجر

سنت ادا ڪرڻ کان پوءِ فرض پڙهڻ کان اڳ ايڪتاليهه ڀيرا، سورة الفاتحة (الحمد شريف) پڙهندا هئا، ۽ فرض کان پوءِ پير ڦيرائڻ کان اڳ

| | |
|---|---|
| الله اڪبر ۽ استغفرالله | ٣٣ ڀيرا |
| اللهم انت السلام و منک السلام واليک السلام يعود السلام تبارکت يا ذالجلال والاکرام | ١ ڀيرو |
| چوٿون ڪلمون | ١ ڀيرو |
| پوءِ ٻيو پير ڦيرائي | |
| آيت الڪرسي | ١ ڀيرو |
| سبحان الله | ٣٣ ڀيرا |
| الحمدلله | ٣٣ ڀيرا |
| الله اڪبر | ٣٣ ڀيرا |
| لااله الا الله وحدهٗ | ١ ڀيرو |
| اللهم اغفرلي وللمؤمنين والمؤمنات والمسلمين والمسلمات | ٢٧ ڀيرا |
| سورة الفاتحة | ٢٥ ڀيرا |
| بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ | ٢١ ڀيرا |
| اللهم صل عليٰ سيدنا محمد وعليٰ آل سيدنا محمد وبارک وسلم | ٢٠ ڀيرا |
| بسم الله الذي لايضرمع اسمہ شي في الارض ولافي السمآءِ وهو السميع العليم | ٣ ڀيرا |

| | |
|---|---|
| اعوذ بكلمات الله التامات من شر ما خلق | ٣ ڀيرا |
| سلٰم عليٰ نوح في العٰلمين | ٣ ڀيرا |
| اعوذ بكلمات الله التامات من غضبہ وعقابہ من همزات الشياطين اعوذ بک رب ان يحضرون | ٣ ڀيرا |
| سورة الكافرون ،سورة النصر، سورة الاخلاص، سورة الفلق ۽ سورةالناس بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ سان گڏ پڙهندا هئا. | ١ڀيرو |

## اشراق

اشراق جا نفل، ضحيٰ (چاشت) جا نفل، اللهم اغفرلي وارحمني انک انت التواب الرحيم، استخاري جو نفل ۽ استخاري جي دعا

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡ اَسۡتَخِیۡرُکَ بِعِلۡمِکَ وَ بِقُدۡرَتِکَ

پڙهندا هئا.

## ظهر

